

ما
سہیلی

# زم زم

## ميڊيڪل ۽ جنرل اسٽور

محمدي بلڊنگ

شهاب سئنيما حيدرآباد جي ويجهو.

معياري ادب پيش ڪندڙ

ماهوار

# سُهڻي

جنوري ١٩٧٥ع

شيخ ميمون ڪالاڄ لائبريري
ڪتاب نمبر 1925

سال: ٦ نمبر: ١

ايڊيٽر

طارق اشرف

بانهن ٻيلي

ارشاد حسين قاضي



قيمت : ٣-٠٠ سال لاءِ: ٣٠-٠٠

**SOHNI** PUBLISHERS
WEST KUTCHA
HYDERABAD, SIND.

سهڻي پبلشرز
الهندو ڪڇو،
حيدرآباد، سنڌ.

# ترتيب


| | | |
|---|---|---|
| پنهنجي طرفان.... | طارق اشرف | ٣ |

## ڪهاڻيون

| | | |
|---|---|---|
| رت، برفن اندران وهندڙ | موهن ڪلپنا | ٩ |
| پنهنجو پنهنجو غرض | ظفر حسن | ٣٣ |
| ٽنڊ ۽ جڙٺ | ڪرشن ڪتوائي | ٤٩ |
| عظيم مفاد خاطر | خليل قاضي | ٥٤ |
| ود حامد جو وڻ | تائب صالح | ٥٩ |
| بند ڪوٺن جا ڏينهن رات (جيل جي ڊائري) | طارق اشرف | ٧٥ |

## شعر

| | | |
|---|---|---|
| وائي، بيت | ابراهيم منشي | ٨٢ |

## اهداف حسيلي ۽ جو پاڳو

نوان شاعر

فريد يوسفاڻي، ج-ع- منگهاڻي، منصور آزاد، نياز الهورايو، روشن شيخ، شبير شاهه نثار شيخ، نور گهلو.

## پرک

| | | |
|---|---|---|
| پيار ۽ پڇتاءُ | زيب پٽي | ٩٢ |
| وايون وڻجارن جون.... | وليرام ولڀ | |

## تنقيد ۽ رايا

| | | |
|---|---|---|
| پڙهندڙن جا خط | پڙهندڙن وٽان | ٩٩ |

## سياسي انٽرويو

| | | |
|---|---|---|
| پيار علي الانا (سيٽي حق ۽ واسطا قائم) | طارق اشرف | |



طارق اشرف، سيد سليم شاهه جي پاران، سهڻي پرنٽرس، الهندي ڪڇي، حيدرآباد سنڌ، مان ڇپرايو.

# پنهنجي طرفان....

## سنڌو ديش ۽ ولي خان

▲ نعپ جي صدر ولي خان تازو چيو آهي ته: پارت ۾ سنڌو ديش جا حامي تربيت وٺي رهيا آهن. انهيءَ کان اڳ ولي خان اِهو به چيو هو ته: پارت ۾ سنڌو ديشي فوجي تربيت وٺي رهيا آهن. اسان کي سمجهه ۾ نٿو اچي ته اهڙين غلط ڳالهين ڪرڻ سان ولي خان جو مقصد ڇا آهي. شايد انهيءَ جو ڪارڻ اهو به ٿي سگهي ٿو ته وزير اعظم ڀٽي چيو آهي ته: اسان سنڌو ديش جي تحريڪ کي چيپاٽي ڇڏيو آهي، تنهن جي ضد ۾ ولي خان وري چئي رهيو آهي ته: سنڌ ۾ سنڌو ديش جي تحريڪ هلي رهي آهي، ۽ پارت انهن جي مدد ڪري رهيو آهي. جيڪو الزام سنڌس مٿان آهي، اهو الزام لاهڻ تي، قربانيءَ جو ٻڪرو سنڌين کي ٿو بڻائي.

▲ موجوده حڪومت جي سنڌو ديش لاءِ پبلسٽي ڪرڻ جي ڳالهه ته سمجهه ۾ اچي ٿي، اهڙيءَ طرح پنجابين تي سنڌو ديش جو خوف ويهاري کين ائڪسپلائيٽ ڪري سگهبو ته: خبردار، اسان مان هٿ ڪڍيو ته بنگلا ديش وانگر سنڌو ديش به الڳ ٿي ويندو. پر ولي خان جو مقصد ڪهڙو آهي، اِهو سمجهه ۾ نه آيو. جنهن حالت ۾ سنڌس پارٽيءَ جي، سنڌ جي صدر جناب عزيزالله شيخ، سهڻيءَ کي انٽرويو ڏيندي چيو هو ته: سنڌ ۾ سنڌو ديش لاءِ ڪابه تحريڪ نه پئي هلي. سنڌو ديش جو نعرو فقط صوبائي خود مختياري لاءِ لڳايو ويو آهي.

خود سنڌ جي اڳوڻي وزير جناب ممتاز ڀٽي صاحب به چيو آهي ته سنڌ ۾ ڪابه سنڌو ديش جي تحريڪ نه پئي هلي. سهڻيءَ کي انٽرويو ڏيندي سنڌ جي وزير بجاراڻي به انهيءَ ڳالهه کان انڪار ڪيو ته سنڌ کي الڳ ڪرڻ لاءِ، ڪابه سنڌو ديش جي تحريڪ نه پئي هلي. تازو سنڌ جي تعليمي وزير جناب پيار علي الانا به انهيءَ ڳالهه جي

اتي جي اسڪول ۾ سنڌي شاگردن کي سنڌي ٽتي پاڙهجي، اسان کي خوشي ٿي آهي ته اسانجي لکڻ ڪانپوءِ اتي سنڌي ٻارن کي سنڌي پڙهائڻ شروع ڪيو اٿن. اسانکي اميد آهي ته سنڌين سان جيڪي ٻيون زيادتيون ٿي رهيون آهن، اهي به ختم ٿينديون.

▲ ڊسمبر جي سهڻيءَ ۾ اسان سنڌ جي عظيم فنڪاره مائي ڀاڳي لاءِ لکيو هو ته کيس وظيفو ڏنو وڃي، اسانکي خوشي آهي ته سنڌ سرڪار کيس ٽي سو رپيا وظيفو ڏيڻ شروع ڪيو آهي. اسين سنڌ سرڪار کي اها به درخواست ڪريون ٿا ته مائي ڀاڳيءَ جو مڪمل علاج، سنڌ سرڪار پنهنجي خرچ سان ڪرائي، ٻين سنڌي فنڪارن کي پڻ ماه در ماه جوڳي مدد ڏي.

## ابراهيم منشي

▲ ابراهيم منشي ڏهه مهينا جيل ۾ رهي، ضمانت تي آزاد ٿيو، پر مهيني ڪانپوءِ سندس ضمانت رد ڪري ٻيهر گرفتار ڪيو ويو آهي، ۽ مهيني کن ۾ سندس ڌيءَ جي شادي ٿيڻ واري آهي. اسين انهيءَ جي مذمت ڪريون ٿا، ۽ سنڌ سرڪار کي درخواست ٿا ڪريون ته ابراهيم منشيءَ کي يڪدم آزاد ڪيو وڃي. جنهن حالت ۾ انهن غنڊن، جن ٻوليءَ واري هنگامي ۾ فساد ڪيا، بنگلا ديش نامنظور تحريڪ ۾ باهيون ڏنيون ۽ پي - پي - پي جي آفيس کي تباهه ڪيائون، قادياني تحريڪ ۾ وڏو گوڙ گهمسان ڪيائون، انهن سڀني کي آزاد ڪيو ويو ته ڇا ابراهيم منشي انهن سڀني کان خطرناڪ آهي؟

## هيءَ پرچو

▲ هميشه وانگر هن پرچي کي به 'خاص نمبر' هئڻ گهرجي ها، ڇوته جنوريءَ سان سهڻيءَ جو نئون سال ٿو شروع ٿئي، پر ٻئي جي سرڪاري ڪوتا بند ٿيڻ، ۽ اشتهار نه ملڻ سبب اسين خاص نمبر نه ڪڍي سگهيا آهيون، جنهن لاءِ معذرت ٿا گهرون، جڏهن به حالتون سڌريون، اسين اها کوٽ پوري ڪنداسين.

▲ ڀارت سان ٽپال جو رستو کلڻ ڪري هتي جا ٽنل ادبي ناتا وري جڙي ويا آهن. گذريل ٻن پرچن ۾ انهن جا خط، ۽ هن دفعي خطن سان گڏ، سندن ڪهاڻيون به ڇپيون اٿئون. شل اهي ناتا مضبوط کان مضبوط ٿين.

▲ ڪجهه پرچن کان، نون شاعرن جو الڳ ڀاڱو ڪيو اٿئون، ۽ انهيءَ جو ٻار اِمداد حسيني سنڀاليو آهي، انهي حصي لاءِ جيڪي به شعر موڪلين، اهي اها ڳالهه ذهن ۾ رکن ته، امداد ضرورت مطابق انهن شعرن ۾ ڦيرگهير ڪري سگهي ٿو.

## جيئي سنڌ — جيئي سنڌي ٻولي

— طارق اشرف

رت، برف اندران وهندڙ

پنهنجو پنهنجو غرض

ٽٽڻ ۽ جڙڻ

عظيم مفاد خاطر

ون حامد جو وڻ (عربي ڪهاڻي)

بند ڪوٺن جا ڏينهن رات (جيل جي ڊائري)

# ڪهاڻيون

موهن ڪلپنا

ظفر حسن

ڪرشن کٽواڻي

خليل قاضي

ثاقب صالح

طارق اشرف

سنڌيءَ جي عظيم ڪهاڻيڪار

# موهن ڪلپنا

جو شاهڪار ناول

# جلاوطني

سهڻيءَ جي اينڊڙ پرچي ۾ شايع ٿي رهيو آهي.

موهن ڪلپنا

# رت، برف ۽ اندران وهندڙ

اها اُن عورت جي ڪيڏي نه بدنصيبي آهي، جنهنجي زندگيءَ جي ڪتاب جو هيرو هنجو مڙس نه پر ڪو ٻيو هجي. پوءِ ڪٿي رهندو هن عورت جو مذهب؟ ـ ڪيڏانهن ويندي هن ديس جي تهذيب ـ ريتون رواج ۽ سماج جا بندن؟ غلط سان ناتو جوڙڻ لاءِ من نٿو مڃي ۽ صحيح جو هٿ پڪڙي هلڻ لاءِ مون ۾ ساهس نه آهي.

جا هوا هماليه جي برفاني چوٽين تان، برسات جي هلڪي ٽپ ٽپ سان گڏ، دور مندرن ۾ وڄندڙ گهنڊن جا مڌم آلاپ کڻي منهنجي جسم کي ڇهي ٿي، اها منهنجي آتما جي ديپ کي روشن ڪري ٿي. ۽ منهنجو موهه جسم مان نڪري انهن برفاني چوٽين ۾ اٽڪي ٿو پوي، جنکي مون فقط پنهنجي تصورات ۾ ڏٺو آهي. پر اُهو ڪير آهي، جنهن مونکي پهاڙن تان هيٺ ڦٽو ڪيو آهي ۽ اُها برف، جا اُنهن پهاڙن جي چوٽين، لاهين ۽ ماٿرين ۾ پکڙي پئي آهي، اُن اندران رت جو هڪ ڀرپور سيلاب وهڻ ٿو لڳي. گنگا ۾ پاڻي نه آهي، لهو، فقط لهو آهي. اُهو انهن چوٽين، لاهين ۽ ماٿرين مان اُجاگر ٿي، سڄي آڪاش ۾ پکڙڻ لڳو آهي ۽ سڄي شفق رت ۾ رڱجي ويئي آهي.

هن اسپتال ۾، جتي مان اڪيلي ۽ خاموش ويٺي آهيان، اُتي منهنجو من وري به اُنهن بلنديِن ڏانهن اُڏامڻ ٿو لڳي، جتي درد آهي، ڪليش آهي.

سرجن ذرا غصي مان پڇيو هو، ”ڇا تنهنجو مڙس جهنگلي آهي“؟

۽ جڏهن مون نرڙ ۾ گهنج وجهي ڪنڌ هيٺ ڪيو، تڏهن هن منهنجي مڙس ڏانهن منهنجي خيالات جو اندازو لڳائي ٿو رو

تيز ٿي چيو، ”هڪ بيوقوف ۽ چسو مڙس به پنهنجي پيٽ سان زال تي هٿ نه کڻندو. پر هن تو کي ماريو آهي. هن تو کي لت هنئي آهي ۽ تنهنجو ٻار ڪري پيو آهي. هن ٻه گناهه ڪيا آهن: هڪ زال کي مارڻ ۽ ٻيو پنهنجي معصوم ٻار جو خون!“

سو چيم: ڊاڪٽر صاحب سچ ته ڳالهائين ٿو، پر ائين ڪندي هو پنهنجو پيشو بدلائي ڊاڪٽر بدران وڪيل بڻجي ٿو وڃي. شايد هو منهنجي حالت ڏسي دکي ٿيو آهي. هڪ شريف، سيبي ۽ فضيلت واري ڇوڪري ۽ اُنجي اهڙي حالت؟ يا شايد هن تي منهنجي سونهن، ٻيهڪ ۽ شخصيت جو به اثر ٿيو هجي.

اِتي هڪ ٻيو به سوال اُٿيو: جيڪڏهن مان ڊاڪٽر کي چوان، ته ڊاڪٽر صاحب اوهان منهنجو علاج ڪريو ۽ جو شخص منهنجو مڙس آهي، اُنجي بيعزتي نه ڪريو ته اُن مان هو منهنجي پتي- ڀڳتيءَ جو اندازو ته لڳائي ويندو، پر ائين به سمجهندو ته هندستاني عورت نئين دور ۾ به مرد جي زبردستي ڇڏي نه سگهي، جڏهن ڪ يورپ ۽ آمريڪا ۾ زالن لاءِ مڙس بدلائڻ اهڙي آسان ڳالهه آهي، ڄڻڪ ڪنهن ڏندو، ڄڳهه، پوشاڪ يا ميڪ اپ بدلايو آهي.

”هو هوٽل ۾ وڃي رهيو آهي.“ ڊاڪٽر وڏيڪ چيو، ”پر هن تنهنجي سار لڌي آهي؟ — هو ڪڏهن توسان مليو آهي؟“

”چونتا هو بيمار آهي ۽ انڪري هوٽل مان ٻاهر نٿو نڪري.“

”اهو بهانو آهي.“ ڊاڪٽر چيو، ”مون پنهنجي ڊاڪٽري زندگيءَ ۾ ڏٺو آهي ۽ مان تو کي Hurt ڪرڻ (چوٽ هڻڻ) نٿو چاهيان ته اڪثر سهڻيون ۽ سٺيون ڇوڪريون انهن مردن جي هٿن ۾ اينديون آهن جي ظالم ۽ بيوقوف هوندا آهن. پر پيار واري عرصي ۾ هو حد نهٺا ۽ شيرين زبان ٿيندا آهن. ڪيئن به، مان تنهنجي خانگي زندگيءَ ۾ دخل ڏيڻ نٿو چاهيان، پر هڪ ڊاڪٽر جي حيثيت ۾، زندگيءَ ۾ جا گندگي موجود آهي، جو مرض آهي، اسانکي اُنجو علاج به سوچڻو پوندو آهي. ڪنهن حد تائين خانگي

”موه غلط نہ ٿئي، پر هنجو وشواس غلط ٿئي ٿو.“

”بي آبرو ٿي تنھنجي ڪوچي مان مان هليو وڃان. تنھنجو ڇا اهو ويچار آهي.“

”جڏهن هڪ صحيح جواب تي تو کي صدمو پهچي ٿو هريش، تڏهن غلط اظهار تي ڇا نريندر کي چوٽ نہ رسندي.“

”شايد مونکان غلطي ٿي.“ هريش اٿي بيٺو. چيائين، ”نريندر نهايت خوشنصيب آهي.“

۽ هو هليو ويو.

هو پنھنجي ناراضپي سان بہ مونکي عزت ڏيئي ويو. اهو ڇائي منھنجو من هن لاءِ دکي ٿيڻ لڳو. پر دير سان آيل نريندر جي گهڻي زور ڀرڻ تي بہ مون ڪيس هريش جي موه جي ڳالهہ نہ ڪئي، ان طرح جي سچائيءَ سان مون ٻن دوستن جي وچ ۾ ديوار ٺهڻ نہ چاهيو. جيتوڻيڪ اهو بہ فيصلو ڪيم تہ ڪنهن صحيح وقت تي ڪيس اها ڳالهہ ضرور ٻڌائيندس.

هڪ ڏينهن نريندر ٿئيٽر جو چار ٽڪيٽون وٺي آيو. هريش وقت تي نہ آيو انڪري پنھنجي ۽ سنجي بہ ٽڪيٽون هٿ ۾ جهلي نريندر گيٽ جي ٻاهر اڌ ڪلاڪ بيهي رهيو ۽ مان مهيش سان اندر ٿئيٽر ۾ ويس.

مهيش هڪ ڪرسي مونکان پري ويٺو. هن ڪنڌ ورائي مون ڏانهن نهاريو بہ ڪونہ.

وچ ۾ مون پڇيومانس، ”مهيش، ان طرح تون حياتيءَ ۾ ڪيترا ڏينهن اڪيلو هلندين؟— تون اڪثر ٿڪل، پريشان ۽ اداس رهندو آهين— ڇو؟“

هن ڪنڌ هيٺ ڪري جواب ڏنو، ”چاڪاڻ جو مان بنيادي طور هڪ آدرشوادي ماڻهو آهيان، منھنجو فلسفو لڳاتار قرباني چاهي ٿو، پر اها ڳالهہ مان ڪنهنکي سمجهائي نہ سگهان.“

”پر مان اها ڳالهہ سمجهان ٿي.“

”تنھنجي سمجهڻ سان ڇا ٿيندو ريکا!“

”ڇا ڪجهہ نہ ٿيندو؟“

ان ڏينهن مگڻي جي پارٽيءَ تي جڏهن ريڊيو گرام ۾ بسم الله خان جي شرنائيءَ جو ڊگهو رڪارڊ هلي رهيو هو، تڏهن منهنجي پاسي مان لنگهڻ وقت هريش چيو، ”نئين زندگي مبارڪ هجيئي ريکا.“

مان روڪجي ويس. عجب مان پڇيم، ”مبارڪباد ڏيندي پنهنجي نوع ۽ لهجي ۾ ايڏو گنڀير ٿيڻ ڇا ضروري آهي؟“

”هڪ سپنو آهي،“ هن اڃا به گنڀير ٿي چيو، ”جو ڪشميري ساڙهيءَ ۾ بند آهي. ان بند سپني ۾ منهنجو مستقبل به بند آهي.“

هڪ پل هنجي مک ڏانهن نهاريم. سوچيم اتهاس جو پروفيسر دنيا جي جائز توڙي ناجائز جنگين ۽ غلط توڙي برابر تحرڪن ۽ زندگيءَ جي اٿل پٿل ۽ انقلابن تي ڳالهائي سگهي ٿو، پر موقعي جي نزاڪت ڇا ٿيندي آهي، ان سان واقفيت جو اڃا سوڀاڳيه پراپت نه ٿيو اٿس.

آهستي چيم، ”هريش، تنهنجي غلط چونڊ توکي برباد نه ڪري ڇڏي.“

”بربادي ڇا آهي؟“ هن آهستي چيو، ”گريڪ تصور موجب انساني فطرت جو هڪ اهو نقص، جنهن سبب ڪو شخص حالت کي منهن ڏيئي نه سگهي ۽ انڪري برباد ٿي وڃي.“

”گريڪ تصور جي اها ڳالهه سمجهندي به تون ڇا پاڻکي درست ڪري نٿو سگهين.

”پاڻکي درست ڪري سگهان ٿو، پر پوءِ منهنجي موهه جو ڇا؟“

”موهه به ان حالت جي پيداش آهي، جنهن مان تون گذرين ٿو. پاڻکي نئين حالت ۾ وجهه ۽ پاڻ ۾ نئين موهه جي قوت پيدا ڪر. ڏس، هن طرح مونکي پريشان نه ڪر — ڪن نين ساڙهين ۽ نون سپنن جي تلاش ڪر، جي سپنا انهن ساڙهين ۾ بند نه ڪليل هجن.“

ائين چئي مان اڃا وڃڻ تي هئس ته نريندر اچي پهتو. هريش جي ڪلهي تي هٿ رکي چياتين، ”آئسڪريم کائڻ کانپوءِ به اداس ڇو آهين هريش؟“

اها هڪ نظر هئي جنهن سان منهنجو ساهه هڪ هنڌ روڪجي ويو. هنجي ان نظر جو پيڇو نريندر جي نگاهه ڪيو. اها نگاهه جا منهنجي سيني ۾ هڪ ڀالي جيان گهڙي ويئي.

مهيش کلي چيو، "خواهشون دٻجن ٿيون، ڇو ته پوريون نٿيون ٿين. ڇو پوريون نٿيون ٿين؟ خواهشون غلط آهن يا انجي موت ۾ بي رخي صحيح آهي؟— عقليت ۽ منطق ڪپي. خواهشن کي نئون رخ ڏي، اهي دٻجنديون ڪونه ۽ انهن ۾ وڏيڪ سونهن حاصل ٿيندي."

هريش بحث نه ڪيو. هنجو منهن ڳاڙهو ٿي ويو. شايد اهو سوچي ته نريندر ڪيس سڀ سوڌو جهليو هو ۽ مهيش اها ڳالهه کولي ڇڏي هئي. پر ائين به لڳم ته مهيش مونکي سنيهه جي بار کڻڻ واري ڳالهه جو به جواب ڏيئي ڇڏيو هو.

رات جو نريندر سڄي رات پاسا ورائيندو رهيو.

پوئين صبح جو مون پڇيو، "ڇا سڄي رات جاڳيو آهين؟"

"اڄا ته پهرين رات آهي ريڪا."

"ان طرح ننڊ ڦٽائڻ جو ڇا مطلب؟"

"هڪ ڳالهه جو جواب ڏيئي سگهين ٿي؟"

"ڪهڙي هڪ ڳالهه؟"

"هريش ۽ مهيش هتي ڇو ٿا اچن؟"

"وري اها ڳالهه!"

"چاڪاڻ جو هريش تو کي چاهي ٿو."

"نريندر!"

"مهيش چاهي ٿو، پر ظاهر نٿو ڪري."

"نريندر!"

"اهي ڪهڙيون خواهشون آهن، جي هريش دٻايون آهن ۽ مهيش انهن کي نئون رخ ڏنو آهي؟"

"نريندر هن طرح ته زندگي برباد ٿي ويندي!"

"زندگي برباد ٿي چڪي آهي!"

"ڪيئن برباد ٿي چڪي آهي؟"

”چا هريش توسان ڪڏهن به پيار جو اظهار نه ڪيو آهي؟“
”پيار جو نه پر موه جو اظهار ڪيو آهي.“
”ڪڏهن؟“
”شاديءَ کان اڳ.“
”۽ تنهنجو جواب؟“
”منهنجو جواب، توسان شادي!“
”انجو ڪهڙو ثبوت آهي ته جو ٻار تنهنجي پيٽ ۾ آهي، انجو پيءُ مان آهيان؟“

منهنجي سر تي ڄڻ پهاڙ ڪريو.

چيم، ”مونکي تون ماري ڇڏ، پر مونتي تون اهو الزام نه هڻ. تو کي منهنجو قسم آهي، پنهنجا اکر واپس وٺ نه ته مان هن دنيا مان هلي وينديسانءِ. الزام جو ايڏو بار ڪٽي مان جيئي نه سگهنديس.“

”هو تنهنجي گوڏن ۽ مرن تي ڳالهائي ٿو ۽ ساڙهيءَ جي مٿي چڪڄڻ تي ان ۾ هو سونهن ڏسي ٿو. هنکي اها سونهن ڪنهن ڏيکاري؟“

”مونتي ايڏو ظلم نه ڪر نريندر. تون مونکي ماري ڇڏ، پر ايڏو الزام نه هڻ.“

هو بستري تان اٿي ڪڙو ٿيو. منهنجي وارن ۾ هٿ وجهي انهن کي زور سان ڇڪيندي چيائين، ”ڪميٽي!“

”تون مونکي مار.... مار.... تون ماري ڇڏ! هاڻ مان زنده رهڻ چاهيان به نٿي.“

”هاڻ تون ڇو زنده رهندينءَ، تنهنجا راز جو کلي ويا آهن.“

وارن مان هٿ ڪڍي هن زور سان پيٽ تي لت نڪاءِ ڪئي.

لت لڳڻ سان منهنجو ساهه ڄڻ بند ٿي ويو. اکيون ڪاپار ۾ چڙهي ويون ۽ مان بيهوش ٿي ويس. هو ڪيڏي مهل گهر کان ٻاهر هليو ويو، انجي مونکي ڪا سمڪ نه رهي.

مان ان پلنگ تي بيهوش پيئي هئس. اهو پلنگ جنهنجي چادر تي رت جو ڄڻ تلاءُ اٿلي پيو هو. هوش ۾ اچڻ سان مون

هو. ڪنهن هندو سيٺ جو هو، جو ڪيس الاٽ ٿي مليو هو. ان محل جي باري ۾ چوڻ هو ته پاڻ ڪوڙو ڪليم پري اهو محل حاصل ڪيو هئائين. خانداني ماڻهن جا دشمن ته ٿيندا ئي آهن، اها ڳالهه به سندس برادريءَ مان ئي نڪتي هئي ۽ سا به چونڊن جي دوران. پر مون ڪڏهن به اهڙين افواهن تي اعتبار نه ڪيو. خانداني ماڻهو پري کان پڌرو. ڪالهوڪي لنچ ۾ محل جي شاندار سجاوت ڏسي حيران ٿي ويو هوس. آءٌ شايد هن پاسي ڪافي عرصي کان پوءِ آيو هوس. سندس محل شهر جي اهڙي پاسيري حصي ۾ آهي، جو اتان لنگهڻ به ڪونه ٿئي. محل جي اندر ته آءٌ اڃا به گهڻي وقت کان پوءِ آيو هوس. آخري دفعو مان جڏهن ويو هوس، جڏهن نواب صاحب عيد ميلاد النبيءَ جو جلسو ڪيو هو پين ته وڃي بنگلن تي بنگلا الاٽ ڪرايا هئا، پر نواب صاحب هڪ ئي گهر تي صبر ڪيو هو. نواب صاحب مونکي خود ٻڌايو ته: امروها ۾ سندس به حويليون هيون ۽ تنهن کان سواءِ دهليءَ ۽ لکنوءَ ۾ هڪ هڪ بنگلو هو، جتي وزير ۽ گورنر اچي مهمان ٿيندا هئا. هونئن ماڻهن ۾ اهو چوڻ هو ته نواب صاحب هتي تي بنگلا پيا به الاٽ ڪرايا هئا، جي هن وڪڻي ڇڏيا، پر اهو به شايد بهتان هو. اهي سڀ اليڪشني اسڪينڊل هئا، ڪيس بدنام ڪرڻ لاءِ.

آءٌ لنچ تي الائي ڇا ڇا سوچيندو رهيس، ۽ نواب صاحب جي هڪڙي ڳالهه مونکي ڏاڍو متاثر ڪيو. نواب صاحب جي اها ساڳي وضع هئي. ڳالهه ڳالهه تي ٽهڪ، ڳالهه ڳالهه ۾ شعر تي شعر، سندس جملن ۾ اهو ساڳيو ڇهندڙ انداز. مونکي اڃا تائين ياد هو. نواب صاحب جي طور طريقن ۾ ذرو به فرق ڪونه هو. سندس ان طبعيت مان سندس خانداني عظمت بکي رهي هئي. ٻيو ڪو سندس جاءِ تي هجي ها ته الائي ايتريون تڪليفون برداشت ڪرڻ کانپوءِ جيئرو به هجي ها يا نه، جي جيئرو هجي ته پڪ دماغي توازن وڃائي ويهي ها.

ماني کائيندي نواب صاحب ايم. ڊيءَ کي منهنجي باري ۾ ٻڌائيندي چيو، ”مان هنکي ننڍپڻ کان سڃاڻان، ڏاڍو سلڇڻو ڇوڪرو

چيو، ”انصاري، ايندو ڪر ڪڏهن ڪڏهن. پنهنجو گهر اٿئي.“ نواب جي پنهنجائپ وارن انهن جملن اچا ب مونکي سندس قدردان بڻائي ڇڏيو.

دروازي تي موڪلائيندي وقت جڏهين هٿ ملايومانس ته سندس مهر واري منڊي وري اکين اڳيان اچي ويئي، جا نواب صاحب جي مخصوص نشاني هئي.

سندس اهي موڪلائڻ وقت چيل پنهنجائپ وارا جملا منهنجي ڪنن ۾ پڙاڏجڻ لڳا ۽ نواب صاحب مونکي اچ ئي فون ڪيو هو. سندس فون مون ۾ اڻ تڻ پيدا ڪري ڇڏي هئي. پهرين ته خيال آيو ته آءٌ خود فون ڪريانس، پر خود چيو هئائين ته هو پاڻ فون ڪندو، ان ڪري فون ڪرڻ جي جرئت نه ڪيم. نواب صاحب سان هڪ قسم جو تعلق پيدا محسوس ڪيم. پنهنجائپ پيي لڳم.

مون وٽ ان وقت ب ملاقاتي ويٺا هئا، جڏهين نواب صاحب جي ٻيهر فون آئي.

”هلو، انصاري اسپيڪنگ.“

”ها ڀائي، آءٌ آهيان نواب حشمت علي خان.“

”سلام عليڪم نواب صاحب.“

”وعلڪم سلام“

”حڪم نواب صاحب.“

”ڀائي حڪم وڪم ڪونهي، هڪ ڪم آهي،“ سندس آواز ڪجهه ڍرو ٿيندو ويو. ”سوچيان ٿو ته توکي چوان يا نه.“

”بي تڪلف ٿي چئو.“

”دراصل مونکي خوشي ٿي آهي ته هن شهر ۾ پنهنجا ب موجود آهن، مون ميان محمود آڏو تنهنجي واکاڻ ڪئي ۽ هو ب ڏاڍو تومان خوش آهي.“

ايم - ڊيءَ جو نالو ٻڌي پهرين گهٻرايس، پر پوءِ خوشي ب ٿي ته منهنجي تعريف جڏهن نواب صاحب ڪئي هوندي ته ڪم اچا ب پڪو ٿيو هوندو.

”نواب صاحب، اوهانجي وڏي مهرباني جو اوهان مونکي

صاحب کي همت ڪري صاف صاف چئي ڇڏيندس ته امداد ڪندس، پر ان ماڻهوءَ کي سڌو سنئون مون وٽان اچي وٺڻي پوندي. سوچڻ لڳس ته نواب صاحب ڪاوڙجي ته نه پوندو. پر ڇو ڪاوڙجندو. مون انڪار ته نه ڪيو هو. آءٌ ته پاڻ پنهنجي کيسي مان پئسا ڏيڻ لاءِ تيار هوس. پر الائي ڇو مونکي هن نوجوان جو خيال اچڻ لڳو. ڇا ماڻهو زندگيءَ ۾ ايترو مجبور ٿي وڃي ٿو، جو هو اوچي خاندان جو هوندي به ائين امداد، جا خيرات ٿئي آهي اها وٺڻ تي مجبور ٿئي.

ان وچ ۾ هڪ ٻه دوست آيا ۽ هليا به ويا. ڪجهه دير لاءِ افسردگي دور ٿي ويئي. هنن جي وڃڻ کانپوءِ ساڍي ڇئين ڏاري وري نواب صاحب جي فون آئي.

”ڀائي انصاري، هو نوجوان ته اچڻ لاءِ تيار ڪونهي.“

”ته پوءِ نواب صاحب معاف ڪجو، مان به ڪا امداد نه ڪري سگهندس.“ مون پهريون دفعو همت کان ڪم وٺي نواب صاحب کي صاف جواب ڏنو. شايد نواب صاحب اهڙي صاف جواب ٻڌڻ لاءِ تيار نه هو.

”جي- جي- ها، توهان نيڪ ٿا چئو. جڏهن مون خاطري ڏني اٿمانس ته به پاڻ خود تيار ڪونهي ته ڇڏي ڏيوس. پاڻيهي پڇتائيندو. ضرورت کيس آهي، باقي خود ٿئو امداد وٺڻ چاهي ته سچ پڇوس ته اهڙي کي ڏجي به نه.“ نواب صاحب جو اهو رايو منهنجي لاءِ هڪ خوشخبري کان گهٽ ڪو نه هو. سندس خيال منهنجي پٺڀرائي ڪري رهيا هئا. انجو مونکي گمان ڪو نه هو. مونکي ته ماڳهين ڊپ هو ته ڪٿي ان معاملي ۾ نواب صاحب نه ڪاوڙجي پئي. ”چڱو انصاري، تنهنجي وڏي مهرباني. آءٌ تنهنجو شڪرگذار آهيان، جو تو منهنجو خيال رکيو. خدا حافظ.“

مون معاملي کي ختم ٿيندو ڏسي تڏو ساهه کنيو ته هائي لال به رڪجي ۽ پريت به رهجي اچي جو ڀاڪو، سو فيصدي سچ ثابت ٿي چڪو هو. نواب صاحب به خوش هو ۽ منهنجا هزار رپيا به بچي پيا هئا. البت خيرات جو ثواب نه ڪٿي سگهيو هوس.

بصر مونکي قصيدو لکڻ ۾ رنڊڪ وجهي رهيو هو. چڙ ڀ ڏيئي چيومانس، ”مان هن وقت عوام جي خيرخواه سرڪار جي شان ۾ قصيدو لکي رهيو آهيان. پوڪ منهنجو مغز نہ کاءُ ۽ هتان هليو وڃ.“

بصر پتڪڙو آهي، ناز سان نپايل آهي. چڙ ڀون سهي نہ سگهيو ۽ چپ ڪري روئڻ لڳو. سامهون پٽ تي لڳل ’ٻارن جي عالمي حقن‘ بابت اقوام متحده جي ڇپايل پوسٽر ڏانهن نهاري اکيون مهٽيندي چيائين، ”تون مونکي رڳو تڙيون ڏيندو آهين. مان توتي ’ٻارن جي عالمي حقن‘ جي ڀڃڪڙي ڪرڻ جي ڏوهہ ۾ ڪيس ڪندس.“

هڪڙوئي تہ ياءُ اٿم ۽ اٿم بہ بيحد پيارو. پر پوڪ آهي. سوال تہ گهڻا پڇندو آهي، پر سمجهندو ڪجهہ بہ ناهي. انهيءَ ڪري مٿس ڪاوڙ بہ اچي ويندي اٿم. ڪيس روئندو ڏسي هنج ۾ کڻي ورتم. سندس وارن ۾ آڱريون ڦيريندي چيم، ”تون وڏي ڪنڌ جو ننڍو ٻار آهين ۽ وڏي ڪنڌ ۾ ننڍن ٻارن کي فقط بک، بيماري ۽ تڙيون ملنديون آهن....“ ڪيس پرچائيندي چيم، ”.... پر اڄ کانپوءِ مان توکي ڪڏهن بہ تڙيون نہ ڏيندس.“

بصر اهو ٻڌي ڏاڍو خوش ٿيو ۽ مونتي ڪيس ڪرڻ جو خيال دل مان ڪڍي ڇڏيائين. اکيون اگهي وري ساڳيو سوال پڇيائين، ”ادا، هنگامي حالتن ۾ ڇا ٿيندو آهي؟“

هن دفعي مان ڪيس تاري نہ سگهيس. چيم، ”هنگامي حالتن ۾ اتر، ڏکڻ ۽ اولهہ، اوڀر تي پوندو آهي ۽ ڪوبہ ماڻهو اوندهہ کي رات چئي نہ سگهندو آهي.“

بصر حيران ٿي پڇيو، ”ڇو ادا!؟“

چيم، ”ائين چوڻ سان جمهوريت جا بنياد لڏڻ لڳندا آهن، ۽ ملڪ جي سلامتيءَ کي سخت خطرو ٿي پوندو آهي.“

بصر کي منهنجي ڳالهہ پوريءَ طرح سمجهہ ۾ نہ آئي. چيائين، ”ادا، حالتون هنگامي ڇو ٿينديون آهن؟“

چيم، ”جڏهن بک پيٽ ۾ وڍ وجهڻ لڳندي آهي ۽ ماڻهو

وري وجود ۾ آئي. ملڪ جي هڪ نامور اخبار لکيو: ’ود حامد جو وڻ قومي سجاڳي جو نشان بڻجي چڪو آهي.‘

ان ڏينهن کانپوءِ اسانکي حڪومت جي وجود جي ڪابہ خبر نہ ملي آهي ۽ نہ ڪو انهن نامور شخصن مان ڪوئي هتي آيو آهي. اسان رب تعاليٰ جو شڪرانو ٿا بجا آڻيو تہ ساڻن هٿ ملائڻ جي مصيبت کان بچي ويا آهيون. اسانجي زندگي ساڳي رفتار سان روان دوان آهي. نہ ڪو نلڪو، نہ ڪا زرعي رٿا ۽ نہ اسٽيمر بيهارڻ لاءِ ڪا جڳهہ. اسانوٽ البت اسان جو وڻ موجود آهي، جيڪو سانجهيءَ ٽاڻي بہ پنهنجو پاڇو نديءَ جي ڏاکڻي ڪناري تي وجهندو آهي ۽ صبح جو انکي اسانجي گهرن ۽ ٻنين جي مٿان پکيڙيندو آهي. اهو تہ نهيو پر قبرستان تي بہ سايو وجهندو آهي. اسانجي ڳوٺ، سنگ مرمر جو يادگاري پٿر ۽ لوهي لوڙهو حاصل ڪيو آهي.

پوڙهي پنهنجي ڪٿا ختم ڪري مونکي ڏٺو. هن جي چپن تي هڪ منجهيل مرڪ هئي، چڻ ڏيئي جي مدم روشني هجي. مون پڇيو مانس:

”پلا، هو نڪو ڪڏهن لڳائيندا؟ زرعي رٿا ڪڏهن عمل ۾ آڻيندا؟ ۽ اسٽيمر بيهارڻ جي جڳهہ ڪڏهن ناهيندا؟“

هن جواب ڏيڻ کان اڳ پنهنجو ڪنڌ جهڪائي ڇڏيو ۽ چيائين:

”جڏهن سيئي آرامي ٿيندا ۽ پنهنجي خوابن ۾ ود حامد جو وڻ نہ ڏسندا.“

”اهو ڪڏهن ٿيندو؟“ مون پڇيو.

”مون توکي ٻڌايو آهي تہ منهنجو پٽ شهر ۾، اسڪول ۾ پڙهي رهيو آهي. مون پاڻ هنکي پڙهڻ لاءِ ڪو نہ موڪليو هو. هو گهران ڀڄي ويو ۽ پنهنجو پاڻ وڃي اتي داخلا ورتائين. مونکي اميد آهي تہ هو جتي آهي اتي ئي رهي پوندو- واپس نہ ورندو. جڏهن منهنجي پٽ جو پٽ اسڪول ويندو ۽ نوجوانن- جنجو روح اسانجي روح کان مختلف هوندو- جو تعداد وڌي ويندو، تڏهن شايد پاڻي جو نلڪو بہ اسانجي ڳوٺ ۾ لڳندو ۽ زرعي رٿا بہ عمل

اتي ڪافي دير ويٺو رهيس، ڪجهه گهر جون ۽ سهڻيءَ جون خبرون پڇيم، جيل جون خبرون ٻڌايم. اڄ قيدي گهڻا هئا، تنهنڪري پوليس وين، مختلف چڪرن ۾ قيدين کي ڇڏي وري وري موٽي ٿي آئي. ۽ مونکي آخري چڪر ۾ ڪنيائين.

ڇڙهڻ وقت ارشاد، فيروز ۽ ٻين دوستن سان مليس ۽ وين ۾ چڙهي ويٺس. ٿوري دير ۾ وين هلي، ۽ پنهنجي شهر جا جاتل سڃاتل رستا جيڪي اڄ اوپرا اوپرا هئا، انهن تان هلندي، منهنجي نئين منزل ڏانهن وڌي رهي هئي. ۽ پوءِ ٻوين رستن تان ٿيندي، شهر جي حد ختم ڪري، جيل جي حد اندر گهڙي. وين مان لٿس. سينٽرل جيل جو وڏو ڪارو ڦاٽڪ هو. مان ويجهو ويس ته ڪاري ڦاٽڪ جو ننڍڙو وات ڦاٽو ۽ مونکي هضم ڪرڻ ڪانپوءِ وري بند ٿي ويو.

اڄ جيڪي ڪتاب ۽ رسالا آندا هئا، انهن کي نه ڪنهن چيڪ ڪيو، ۽ نه روڪيائون. پنهنجي وارڊ ۾ گهڙيس ته سيٺي ساٿي سردار علي شاهه جي ڪوليءَ ۾ هئا. سردار علي شاهه ڏاڍو خوش هو، جو سندس ضمانت (۸۰ هزار ۾) ٿي هئي.

هينئر رات جا نو ٿيا آهن. مان ۽ شاهنواز شاهه ڪوليءَ ۾ بند آهيون. آزاد فضا مان، هوا جي لهرن تي ترندو، نورجهان جو ڳايل هڪ پراڻي گاني جو آواز اچي رهيو آهي: جوان هي محبت، حسين هي زمانا' هتي ته نه محبت جوان آهي، نه زمانو حسين آهي. ڪال ڪوٺڙي آهي، پوست آهي، مڇر آهن ۽ گهٽيل گهٽيل ماحول آهي. هاڻ سومر جي ڏينهن شنوائي آهي، وري فيروز ملندو دانيال ملندو، ڪجهه دير لاءِ آزاد فضا ۾ ساهه کڻي سگهبو، ڪجهه ٻڌبو، ڪجهه ٻڌائبو.




نئين سال کي
خوشگوار بنايو

## قومي بچت جي اسڪيمن ۾

ناڻو لڳايو

- سيونگس اڪائونٽس
- فڪسڊ ڊپازٽ اڪائونٽس
- خاص ڊپازٽ اڪائونٽس
- بونس ڊپازٽ اڪائونٽس
- انعامي بانڊ (٥، ١٠ ۽ ١١ رپين وارا)
- خاص ڊپازٽ سرٽيفڪيٽس
- نيشنل ڊپازٽ سرٽيفڪيٽس
- ڊفينس سيونگس سرٽيفڪيٽس

NATIONAL SAVINGS

NATIONAL 201 - B

RIO (K) PID

# شعر

ابراهيم منشي

# امداد حسينيءَ جو پاڱو

فريده يوسفاڻي
ج - ع - منگهاڻي
منصور آزاد
نياز الهورايو
روشن شيخ
شبير شاهه
نثار شيخ
نور گهلو

ابراهيم منشي

# وائي

قابو منجهہ ڪڙي، سالــن ڪان سنڌ سوڍل سائين.

سو ڳهي سنگهر ۾ سنڌ سنڌ سائو، سورن منجهہ سڙي.

ڪيو هڪڙو مان ڪونڌر ڪنيءَ تي، تاڪن ڪي تہ تڙي.

سوئي سچو پٽ سوڍو سنڌ جو، جيڪو لال لڙي.

جن جاڳايا جل جيجل تن، جهونجهر چنڊ جهڙي.

’منشي‘ مادر موت جي منهن ۾، راتو ڏينهن رڙي.

ابراهيم منشي

# ٻيٽا

نيٽين نظارا، ڏنم ڏکوين جا
سدا گڏيل گوندرين مارو موچارا
پسي انگ انهن جا آتن اوٻارا
وانگي ويچارا، ڌاريان اڄ ڏٺي ٿيا.

مونکان ٿا پڇو؟ تہ ڪيئن ٿو جاڻين جيل ۾
جي سرڳان سور سرير ۾ ڪڍهن ڪين ڪڇو
لون لون هوند لڇو، جي سمجهو سور سنڌوءَ جا.

سانگ سڄوئي نانگ، ڪٽون، ڪپر، گهوڙيال ڪئسن
پير ٻڇايو پانهنجا، ڇورا ڏيئي ڇلانگ
ڏيهي ڪٽي ڏانگ، ماري ڪيو ملڪ مان.

ڪٽون، ڪپر، گهوڙيال، ڪارا پدم ڪيترا
بي پيرا، بي وڙا، بي گرا، بدچال
ڇورا ڏئي ڪو ڇال، ماري ڪيو ملڪ مان.

سنگهارن ڪي سيڪ، آلا اڇي م ڪڍهن
بيدي ٿين ٻنڌهي، ڇڻي رهن ڇيڪ
هو نسورا نيڪ، ويساهہ وسهي وڪڙيا.

لڳم ڪل ڪپار ۾ جيئڻ مون لئہ جل
سورن سانگين جي ڪيا سيني سوين سل
پل پاڳين پل، پيليا ڏسيو پور ٿيان.

اديبن جا هٿ هڪبئي جي ڳچيءَ ۾ آهن (گهر جو پير چلهه جو مارڳ) يا (شير شاهه جو شڪرو گهر جا ڪڪڙ ماري)! ٻوليءَ جي فسادن ۾ جيڪو سنڌين جو ڪوس ٿيو. رت جي جيڪ ڪمان (ست رنگي انڊلٺ) تاڻجي ويئي سنڌتي. انهيءَ ۾ ڪراچيءَ جي سنڌين جو رتو رت شامل نه هو ڇا؟ گونڊن، قورن جا انهيءَ ئي ڪراچي ۾ شهيد چوڪ ٺهيل آهن، رنگا رنگي بلبب پيا ٻرن هر سال ورسيون پيون ملهائجن— ۽ اسين .... ۽ اسين .... ۽ اسين

اوري هئا تہ آئيا، جڪس ويا پري،
ساتي سڏ ڪري، ماڳ نهاري موٽيا.

— امداد حسيني

فريد يوسفاڻي

# ورلاپ

گل ٿين مکڙيون جڏهن
ياد اچين ٿي تون تڏهن
تو بہ مونکي ياد ڪيو
آ بهارن ۾ ڪڏهن؟

چنڊ چوڏهينءَ جو پسي
چنڊ ۾ توکي ڏسي
ٿي وڃي ٿي دل ٻسي
سڏ ٿو توکي ڪيان
پڙاڏاسڏ ٿيو وڃن

(هن ياڱي جو خاص نظم)

ج.ع. ملگهاڻي

# ڪراچي

مان آهيان ڪراچي مان آهيان ڪراچي
ٻڌايان ٿي پنهنجي اوهان کي ڪهاڻي
گهڻا ڏينهن ٿيندا هتي منهنجي ڪپ تي
هئي رهندي هڪڙي ڪلاچي مهاڻي
مشرق جو در هو اهو منهنجو بندر
رهندي جتي هئي اها نياڻي نماڻي
اگهاڙو بکيو جو ٻه آيس تي در تي
غريب هوندي ماني ڏنائين شاهاڻي
عورت ذات هئي پر هئي شان واري
ڪڏهن آڳ در تان سندس نه آجهاڻي
وات جنهن وساري پليو ماڳ ڪانجو
رهايائين گهر ۾ هئي جا سنڌياڻي
ڪارائڻ پيارڻ ۽ هنڌڙا وڇائڻ
انهيءَ ڪم کي سمجهندي هئي رهاڻي
مسافر ته موٽي ويندا ماڳ تي هئا
ڏيئي تحفا تن کي ڪندي موڪلاڻي
گهڙيون سندس ائين ٿي خوشيءَ ۾ هيون گذريون
مگر هڪ ڏينهن چاتيو سا ڳالهه آ سٽاڻي
لٽيل ۽ پٽيل، ڪٽيل قافلو هڪ
سنڌڙيءَ جي در تي اچي پيو آجهاڻي
ڪلاچيءَ ٻڌو جو، رڌي ۽ پچائي
اجهاڻل هئا، ات ٿي ماني آماڻي
ٽولي جا ماڻهو هئا ڪنا ڪوجها ميرا
ڪنن ڪوجهڙن جي بني ڏوهياڻي

بــڪن ۽ ڏڪن جـــا ٻڙا لٽن اکين تــان
تہ ميڙدن دلين ۾ هـــي خوائش ساماڻي
ڏناٺون ڪلاچيءَ جي گهر کي جو پريو
سمجهاٺون ـ ڏي آهـــي پنهنجـي اباڻي
هڪ ڏينهن ڪلاچي هئي گهر ۾ اڪيلي
ڪلاچيءَ جا ماڻهو نہ هئا گهر ۾ ساڻي
اڳـي ٻاهران سڌ ڪـن ماني لئہ پاڻي لئہ
گهڙي آيـــا گهر ۾ هــو ڄاڻي واڻي
ڏارين کـــي ڏنو جــو ڪلاچيءَ گــهر ۾
ونـــي ڀڳي گهر مان هــو پيرن ارهاڻي
ڪري قبضو گــهر ۾ ويـهي رهيا هـو
ويـنا هـــئا شـايد اهــو وقـت تـــاڻي
ڪـلاچي روئي، ۽ رڙهي هنجون ڳـاڙي
نـــ ماڻهو ئي وريا نہ انجهہ ڪـا اگهاڻي
ڪڏهن ورندا ماڻهو ڪلاچي جا گهر ڏي؟
ڪــڏهن تيندي پيهر ڪلاچي ڏجياڻـي؟
نہ غيرن کي ڏارين کي هنـج ۾ ويهاريو
ڏيو پهرو سنڌ کـــي چوي ٿي منگهاڻي.

---

منصور آزاد

## دعا

بــاغــن ۾ شــال بــهار اچـــي
ســاڻيهہ منجهہ ســڪار اچـــي
کــل کل تنهنجا کيت کــلن
ويــڙهيــچـا ولـــهـار وســن
او مــنهنجي جــيـجل ســنڌڙي
واريـــان تــوتـــان جــنـڊڙي

نياز الھورايو چاھڙو

## ٽيڙو

تنھنجو شھر ڇڏيندس
ماڻھو جيڙو جت نہ ھوءَ
ويـــراني ڏي ويندس

ھـيءَ اونـداھـي رات
ڏينھـن تـيـڻ ڪـانہوءَ
ٿيندي نہ ملاقات

روشن شيخ

## دوھو

سنڌڙي تنھنجي سورن جي مون، جيءَ ۾ جوت جلائـي
دلڙي ڏاڍي سياڻي ھئي پر، تنھنجي سِڪ ۾ ٿي سودائي

شبير شاھہ

## روشنيءَ جي پياس

سون ورن کو سج آيار ہو
ڪارنھن جھڙي رات ڌاريو
سورج ناھي دانـگي آھـي

ڪارنــھـن ۾ ٿا پاپ پلجن
راتاھا ھــر رات لـڳـن
مونکي ساڙيو مونکي ٻاريو
پوين ڪي ڪا وات ڏيڪاريو

نثار شيخ

## وڄھ

ڪونڌر هاڻ ڪھاڙي ڪن
مور نہ ڪر ويرين تي ڪھل

ڌرتي تي پيئا گھري
آتي اٿئي اهائي مهل

ذور گھلو

## ڏيڙو

نسورو نادان،
پاڇولن جي پوٽتان –
ويچارو انسان!

ماٺهو جهڙا پاڇا،
بارود جي مٿان ويهي –
سوچن وينا ڇاڇا!؟

آگھاڙا انسان،
ڏوڏي ڇڏيندا –
اوچا هو ايوان!

رات، شراب، ڪباب،
هڪڙي سائي نوٽ تي –
جھوليءَ منجھ شباب!

ڇوريءَ جا ٻيا،
ڳوٺ جي.... جا –
جھڙا ڪر قبا!

پيار ۽ پڇتاءُ

وايون وڏڄارن جون...

# پرک

زيب ڀٽي

وِليرام ولڀ

پڙهندڙن جا خط

# تنقيد ۽ رايا

پڙهندڙن وٽان

پيار علي الانا

# سياسي انٽرويو

طارق اشرف

لکڻي جي ادبي حيثيت کي مڃيندي، پهرئين سفرنامي ’منهنجو ساگر- منهنجو ساحل‘ تي کيس پاڪستان رائيٽرس گلڊ طرفان انعام ڏنو ويو. انهيءَ کانسواءِ ’سرانديپ جو سفر‘ ماهوار سوجهرو مخزن ۾ قسطوار ڇپجي پيو، ’بندر بازاريون‘ ڇاپي هيٺ آهي ۽ سندس ٻه ٻيا سفرناما ’ڇاجو ديس - ڇاجو ويس‘ ۽ ’پرڏيهه مٿي سانگ‘ زير ترتيب آهن.

الطاف جي سفرنامن کانسواءِ مختلف عالمن، اديبن ۽ صحافين جا سفرناما ٻه ڪتابي صورت ۾ يا مختلف رسالن ۽ اخبارن ۾ ڇپيا هئا، پر انهن ۾ يا ته صحافتي انداز ۾ واقعن جو ذڪر آهي يا جذباتي طور تي تاثرات جو اظهار آهي. سفرنامو جيڪڏهن ڪنهن تاريخدان جو لکيل آهي ته منجهس جذبات نگاري نٿي هجي، جيڪڏهن ڪنهن اخبار واري جو لکيل آهي ته عبارت آرائي کان خالي ٿو هجي ۽ جيڪڏهن ڪنهن ڪهاڻيڪار جو لکيل آهي ته صحافتي دنيا کان پاسيرو تي فقط رومانوي پهلو ٿو وٺيس. پر الطاف جي سفرنامن جي خصوصيت اها آهي ته اهي ادب، صحافت ۽ روءان جو سنگم هوندا آهن. سندس لکڻي ۾ اختصار سان گڏ ادب جو ميناج آهي ته صحافت جي چاشني ٻه. سندس ٻولي ۽ انداز - بيان اهڙا ته دلنشين ۽ پرڪشش هوندا آهن جو سندس سفرنامو هڪ ڀيرو شروع ڪرڻ سان ماڻهو ورڇجي يا ٿڪجي ته ٿئو، پر پڙهي پورو ڪرڻ کانسواءِ دل نه مڃيندي. اهوئي سبب آهي جو الطاف شيخ جا پرستار سڀ کان وڌيڪ آهن. انهيءَ سلسلي ۾ طارق اشرف هن سفرنامي جي منڍ ۾ بلڪل صحيح لکيو آهي: ’الطاف هڪ جادوگر آهي، پڙهندڙ سندس لکڻي جي منڍ ۾ منڊجيو پوي ۽ جادو تڏهن ٿو ٽٽي جڏهن لکڻي پوري ٿي ٿئي.‘ آءٌ ته ائين چوندس ته الطاف جا سفرناما نه فقط ادب ۽ صحافت نگاري جو نمونو آهن پر ٻنهي کي ڳنڍيندڙ هڪ ڪڙي آهن، جنهن ۾ ٻئي جز هڪئي وقت ڏسي سگهجن ٿا. انهيءَ لحاظ کان الطاف هڪ مشڪل ڪم سرانجام ڏيئي، نئين روايت جو بنياد وڌو آهي.

سفرنامي جو ڪينواس، ناول ۽ تاريخ جيئن وسيع ۽ ڊگهو

ٿئي ٿو. منجهس ڪو مخصوص موضوع نہ هوندو آهي. سفر جي دوران ننڍا ننڍا واقعا ٻاهرين ملڪن جي تهذيبي ۽ سماجي سرگرمين ۽ سفرناما لکندڙ جي مختلف قسم جي تفريحن ۽ مشغولين جو ادبي مؤثر ۽ رنگين اظهار رپوتاز (Reportage) جي موضوع لاءِ پوري صلاحيت رکن ٿا، پر موضوع جي وحدت نہ هئڻ ڪري اسان انهن کي رپورتاز (Reportage) نٿا چئي سگهون. موضوع ۾ وحدت تڏهن قائم رکي سگهبي، جڏهن سفر کي مرڪزي حيثيت ڏني ويندي ۽ وچ وارين مصروفيتن کي ثانوي. هونئن تہ دوران-سفر جو بيان دراصل سفرنامي سان مخصوص هوندو آهي پر الطاف پنهنجي سفر نامن ۾ مناظر، ڪيفيات، واردات ۽ واقعات تي ادبي ۽ افسانوي ۽ طنزومزاح جي صحتمندانہ نقط-نظر وجهي هڪ مضبوط گرفت پيدا ڪندو آهي. ڪٿي ڪٿي تہ سندس تاثرات ۽ احساسات جو غلبو هئڻ ڪري خارجي ۽ داخلي ڪيفيات جو خوبصورت اظهارڪيل هوندو آهي. خاص ڪري 'هانگ ڪانگ جا ٽاور پيڪ ۽ رقابت جو جذبو' عنوان واري مضمون ۾ هڪ فلپينو ڇوڪريءَ سان ملاقات جو ذڪر، جا منيلا کان هانگ ڪانگ 'پورهئي خاطر' آئي هئي، قابل-ذڪر آهي.

هانگ ڪانگ راتين جو شهر آهي ۽ الطاف آتان جي روشن راتين جي اکيون خيره ڪندڙ چمڪات ۾ گم ٿي پنهنجي وطن جي وٽن کي اصل نٿو وساري. اتان جي مقامي ماڻهن جي بد حالي، لاچاري ۽ غربت ڏسبو پنهنجي مٽيءَ جي بيڪس ماڻهن جا ملول مهاندا سندس اکين آڏو ڦريو وڃن. انهيءَ سلسلي ۾ 'تون واقعي هيڊ-ماسترياڻي ٿي لڳين....'، 'ڪجهہ يادون، ڪجهہ ڏنگ، ڪجهہ ڏنڀ....' ڌرتي جا گهوٽ اڻموٽ ٿيندا آهن....' مضمون ڏارين جي پرماريت خلاف سندس اندر جو آواز آهن.

هانگ ڪانگ ۾ هتان لڏي ويل سنڌي وڏي انداز ۾ آباد ٿيل آهن ۽ آتان جو ڪاروبار گهڻو تڻو انهن جي ئي هٿ ۾ آهي. پنهنجي وطن جا وڻ ڇڏڻ ڪانپوءِ بہ ڪين پنهنجي ٻولي ۽ سڀيتا سان جو لڳاءُ آهي، تنهن جو اندازو الطاف جي ٽن مضمونن 'سنڌي ثقافت

جي پس منظر ۾ اتان جي زندگي ۽ پسگردائي متعلق تصويرن ساز
هن ڪتاب کي سينگاري ها.

جئن ته اڳ ۾ ذڪر ڪيو ويو آهي ته هي سفرناما هانگ-
ڪانگ ۽ انجي پسگردائي تائين محدود آهن جي الطاف ڇهن سنتن
سفرن دوران لکيا هئا. اهي مضمون هن جدا جدا وقتن تي مختلف
ملڪن ۽ هنڌن کان لکيا آهن. تنهنڪري هانگ ڪانگ جي متعلق
ڏنل ڳالهيون ۽ پيدا ٿيل جذبا مدم پنهنجي وچڻ ڪري هڪ ته لکڻي
۾ تسلسل ٽٽل ٿو لڳي ۽ ٻيو جنهن معيار جي دلچسپي ٻين سفرنامن
۾ آهي، انهيءَ جي ڪمي محسوس ٿئي ٿي.

الطاف جي ٻين سفرنامن جي مطالعي مان اها ڳالهه پڌري
آهي ته سندس لکڻي ۾ دلچسپي ۽ فني صحتمندي جي پهلو سان گڏ
مبلغانه يا پرچاري عنصر وڌيڪ آهي، جو سندس سفرنامن کي معيار
کان ڪيرائي عاميانه ٿو بنائي ڇڏي، پر سفرنامي جي هن مجموعي
۾ انهي کان پاسو ڪيو ويو آهي جا هن مجموعي جي خوبي آهي.

الطاف اڄ جو گهڻ-لکڻو ليکڪ آهي. ساڳئي ماحول ۽
موضوع تي ساڳئي اپروچ (Approach) سان لکڻ ڪري سندس لکڻين
۾ يڪرنگي جو عنصر پيدا ٿي پيو آهي ۽ Repeatation جو احساس
ٿئي ٿو. انهيءَ ڪانسواءِ ڪن ضروري ۽ اهم ڳالهين جو ذڪر ايڏو
مختصر ۽ مبهم نموني ۾ ڪري ٿو، جو پڙهندڙ منجهيو پوي ۽
ڪن غير اهم ڳالهين جا ذڪر غير ضروري طور تي طول ڏيئي
ڪري ٿو، جنهنڪري دلچسپي جو پهلو ڪمزور ٿيو پوي.

مختصر اهو ته انهن رواجي ڳالهين ڪانسواءِ الطاف جا سفرناما
نه فقط اسانکي ڏور-ڏيهن جو اکين ڏٺو احوال ٻڌائي وندر جو
سامان مهيا ٿا ڪن، پر منجهائن گهر ويٺي اتان جي ماڻهن ۽ انهن
جي روز مره جي زندگي جي پيچيدگين جي پروڙ پوي ٿي، جي
اسانکي سوچڻ تي مجبور ڪن ٿيون. هي سفرنامو به انهيءَ ڏس ۾
هڪ اضافو آهي.

— وليرام ولڀ

مان ٻئي ڏينهن شام جو ڇئين وڳي وري ڪراچي ويس، ۽ سندس تمام سهڻي بنگلي تي پهتس، پر پاڻ نه هو. نوڪر اسانکي اسٽيڊي روم ۾ ويهاريو. بنگلو شايد نئون ورتو آهي، اجا سامان ترتيب سان رکيل نه هو. پاڻ فون ڪري چيائين ته: مان ٿوري دير ۾ اچان ٿو.

ڏيڍ ڪلاڪ کن ڪانپوءِ الانا صاحب آيو، چيائين، ”معاف ڪجو، مون اجا پنهنجن جي ماني به نه کاڌي آهي، پر مان فقط وهنجي اچان ٿو.“

۽ پوءِ الانا صاحب وهنجي، ڪپڙا مٽائي اچي ويٺو. چيائين، ”سوال ته ٻڌائجو؟“ چيومان، ”سوال ته ٦٣ آهن، ڪيترا ٻڌايان. سامهون جا ٽي چار ٻڌايانٿو.“ مون به ٽي سوال ٻڌايا، جڏهن سنڌو ديش جو سوال آيو ته الانا صاحب ڇرڪيو ۽ چيائين، ”هي ته ڏکيا سوال آهن.“ سندس P-R-O امين، جيڪو پرسان ئي ويٺو هو، تنهن چيو، ”هي سوال اوهان شيخ اياز کان پڇو.“ مون چيو ”ڇو، شيخ اياز وزير آهي ڇا.“ ته وري چيائين، ”نه.“ پوءِ چيائين، ”جي- ايم- سيد کان پڇو.“ مون چيو، ”ڇو.“ امين چيو، ”انهيءَ ڪري ته هو نيشنلسٽ آهي.“ مون چيو، ”انٽرويو مان الانا صاحب کان وٺان ٿو، تو کان نه.“ امين خاموش ٿي ويو. ۽ الانا صاحب چيو ”وٺو.“

**سوال:** تازو ولي خان چيو آهي ته سنڌ ۾ سنڌو ديش جي تحريڪ هلي رهي آهي جنهنجي سپورٽ خود پيپلس پارٽي ڪري رهي آهي اوهان انهيءَ ڳالهه جي ترديد ڪئي آهي. ڇا اوهين انهيءَ ڳالهه سان متفق آهيو ته سنڌ ۾، سنڌو ديش لاءِ ڪا به تحريڪ نه هلي رهي آهي.

**جواب:** ولي خان روز ڪونه ڪو بيان ڏئي ڇڏيندو آهي. سنڌو ديش جي تحريڪ هڪ مٿ (Mith) آهي. جنهنکي ڪجهه ماڻهون، ولي خان جهڙا، اصغر خان جهڙا ائڪسپلائيٽ ڪري رهيا آهن. باقي سنڌو ديش جي تحريڪ سنڌ ۾ آهي ئي نه باقي سنڌ جي ماڻهن کي سنڌ سان محبت آهي ته اها خراب ڳالهه ڪانهي.

جي پارٽيءَ جي مدد ڪئي، ڇاڪاڻ ته اسان سوچيو ته هيءَ هڪ سوشلسٽ پارٽي آهي، پر جڏهن هاڻ سوشلسٽ حڪومت آئي آهي ته ادبي ڪانفرنسن جون واڳون وري رجعت پسندن جي هٿن ۾ آهن، جيڪي اڄ به سوشلزم جي خلاف آهن. ۽ اسان ترقي پسند اديبن کي ڪجهه به هٿ حاصل نه ٿيو آهي، هٿ حاصل سان مراد اِها ڪونهي ته ڪارن جون پرمٽون ملن يا پلاٽ ملن. مطلب آهي ته اسانکي اگنور ڪيو ويو آهي. لاڙڪاڻي ۾ ادبي ڪانفرنس ٿي ته اُتي ترقي پسند اديبن کي نظرانداز ڪيو ويو. ڀٽشاهه ۽ سيوهڻ جون ادبي ڪانفرنسون ٿين ته اُتي به اسانکي نظرانداز ڪيو وڃي ٿو، ايستائين جو ترقي پسند اديبن کي دعوت‌ناما تائين به نٿا موڪليا وڃن، انهيءَ جو ڪارڻ.

الانا صاحب ڪجهه سوچ ۾ پئجي ويو. پوءِ چيائين: حقيقت اها آهي ته مونکي خبر به ڪانهي ته ڪهڙا اديب آهن، جنکي ڀٽ شاهه ۾ اگنور ڪيو ويو آهي. باقي مان مثال ڏيان ٿو. هينئر اسين هڪڙو انٽر نيشنل سيمينار ڪرڻ وارا آهيون: سنڌ ٿرو سينچريز (Sind Through Sentenarys). جيڪو مارچ ۾ٿيندو. انهيءَ ۾ جيڪي به اديب آهن ، جنهنجي اسانوٽ لسٽ آهي، انهن سڀني کي اسين دعوت ڏينداسين، ته انهيءَ لاءِ مقالا لکو ۽ پڙهو. انهيءَ ۾ شيخ اياز جو نالو به آهي. رئيس امروهي صاحب جو به نالو آهي.

**سوال:** ايوب جي ڏينهن ۾ ڀٽ شاهه جي ورسيءَ کي سرڪاري حيثيت حاصل هوندي هئي، ۽ اُتي پيش ٿيندڙ ادبي ڪانفرنس يا موسيقي جو پروگرام سڌوسنئون ريڊيو پاڪستان حيدرآباد تان نشر ٿيندو هو. پر هاڻ اهو چئي سڌو سنئون پروگرام پيش ڪرڻ بند ڪيو ويو آهي ته هي فنڪشن اي ڪلاس ڪونهي، ڇا اها زيادتي ڪانهي . شاهه سائين سنڌي جو عظيم شاعر آهي، دنيا جي وڏي شاعرن مان هڪ آهي ۽ سندس ورسيءَ جي پروگرام کي اي ڪلاس پروگرام جي حيثيت نه ڏجي .

**جواب:** بلڪل زيادتي آهي. انشاالله هن سال ڪوشش ڪنداسين ته ريڊيو پاڪستان سڌو سنئون اُتان ريلي ڪري. اها خاص منهنجي

ذميداري ٿيندي.

**سوال:** شاهه سائين سنڌ جو سڀ کان عظيم شاعر آهي، پر سندس ورسيءَ جي موڪل فقط حيدرآباد ضلعي کي ملي ٿي، ڇا شاهه فقط حيدرآباد ضلعي جو شاعر آهي.

**جواب:** ڇا ڪو اهڙو شاعر آهي، جنهنجي ورسي جي موڪل سڄي صوبي کي ملي ٿي يا سڄي ملڪ کي ملي ٿي.

**سوال:** اقبال جي موڪل سڄي پاڪستان کي ملي ٿي، پر جڏهن اوير پاڪستان هو ته اتي اها موڪل نه ملندي هئي، جڏهن ڇيو ٿو وڃي ته اقبال قومي شاعر آهي، سڄي پاڪستان جو شاعر آهي، ته پوءِ اولهه پاڪستان ۾ سندس موڪلن ملڻ ۽ اوير ۾ نه ملڻ جو سبب.

**جواب:** شاهه لطيف جي جيڪا اهميت آهي، سا ڇا فقط موڪل جي ڪري، ريڊيو ۽ ٽي- وي جي پروگرام اچڻ جي ڪري ٿيندي، ائين نه ٿيندي؟ يا انهيءَ سان شاهه ريڪوگنائيز ٿيندو جو حڪومت مڃي ته شاهه سنڌ جو سڀ کان وڏو شاعر آهي.

**سوال:** سائين ريڪوگنائيز ڪيئن ٿيندو، ائين ئي ٿيندو نه ته سندس ورسيءَ جي موڪل ڪئي وڃي، ريڊيو ۽ ٽي- وي تان ڊئريڪٽ پروگرام اچي. ائين ريڪوگنائيز ٿيندو. اڳ ۾ ته ايوب ۽ هڪ دفعي آيو هو، پوءِ گورنر ايندو هو. پر هاڻ ته ريڊيو ۽ ٽي-وي به اهميت نٿا ڏين، پوءِ ته ريڪوگنائيز نه ٿيو نه.

**جواب:** ريڊيو ۽ ٽي- وي تان ته پروگرام ايندو، سنڌ حڪومت ڪوشش ڪندي. باقي موڪل ڪرڻ سان اقتصادي نقصان ٿيندو. فئڪٽريون ۽ ڪاروبار بند ٿيندو ته نقصان ٿيندو.

**سوال:** هر اسڪول ۽ ڪاليج ۾ ڪتابن لاءِ پئسا رکيل هوندا آهن، پر اسان چڱيءَ طرح جانچ ڪرائي آهي ته اڪثر اسڪول ۽ ڪاليج سنڌي ڪتاب نه وٺندا آهن.

**جواب:** ٽي مهينا اڳ سنڌ حڪومت آرڊر ڪيا آهن، ته جيڪو فنڊ آهي، انهيءَ جي ٽيهه سيڪڙي مان سنڌي ادبي بورڊ جا ڪتاب ورتا وڃن.

مونکي فقط پٽيوالي گهرجي، مون ڊسٽرڪٽ ايجوڪيشن آفيسر
کي سڏي چيو ته هنکي يڪدم پٽيوالي جو آرڊر ڏيو. ۽ چوکري
کي مون چيو ته توکي هر مهيني حڪومت جي پاران سؤ رپيا به
ملندا. مان ڪراچي موٽي آيس، پر مطمئن نه هوس، ڇيم هنکي
ڪراچي گهرايان. سنڌي آهي، نوجوان آهي، سو ڊي-سي کي
لکيم ته هن سان گڏجو، جيڪڏهن هو تيار آهي ته هنکي نوڪري
به ملندي، ڪوشش ڪندس ته رهڻ لاءِ ڪواٽر به مليس، سؤ رپيو
وظيفو به ملندو ۽ هتي آرٽ ڪائونسل ۾ ڪلاس هلندا آهن، انهيءَ
۾ به آڻ هنکي مفت داخلا ڏياريندس. انهيءَ کان علاوه فقير عبدالغفور
کي به حڪومت سنڌ جي پاران تي سؤ رپيا هر مهيني ڏنا ويندا آهن.

**سوال:** اها ته ڏاڍي سني ڳالهه آهي، انهيءَ کان علاوه به ڪافي
بزرگ اديب ۽ شاعر آهي، پر انهن کي، انهن جي شان مطابق وظيفو
نٿو ڏنو وڃي، جيئن عبدالڪريم گدائي آهي، مولائي شيدائي آهي،
۽ سنڌ جو هڪڙو تمام سٺو فنڪار فتاح آهي، هڪ ائڪسيڊنٽ
۾ سندس ٽنگ وڍجي پئي، هو معذور آهي، حڪومت کي گهرجي
ته سندس علاج پنهنجي خرچ تي ڪرائي.

**جواب:** حڪومت ڪوشش ڪندي انهن جي علاج لاءِ.

**سوال:** ٿر ۾ گهرو هنر تمام گهڻا تين ٿا، پر ڪاريگر کي نصيب
ڪجهه ڪونه ٿئي، چاڪاڻ سيٺ وٺيو، وڪڻي پاڻ، انهيءَ جي
بچائڻ لاءِ يا انهيءَ هنر کي وڌائڻ لاءِ حڪومت جي پاڻ ٿر جي
هنرن لاءِ ڪو ڊسپلي سينٽر ڇو نٿو قائم ڪيو وڃي.

**جواب:** ڊسپلي سينٽر ميرپور خاص ۾ قائم ڪيو وڃي پيو، ٿر جي
هنر جو شمار نه فقط پاڪستان ۾، بلڪ دنيا جي بهترين هنرن ۾
شمار ٿئي ٿو. ٿر ۾ عورتون جيڪو سوئي جو ڪم ڪن ٿيون،
انهن ۾، انهن کي به تي تڪليفون ٿين ٿيون، هڪ ته ڌاڳن جو
رنگ ڪچو ٿئي ٿو، ۽ ڪپڙو سٺو نه هوندو آهي. مون ته ٿرپارڪر
جي ڊي-سيءَ کي چيو آهي ته: گورنمنٽ قرض ڏيڻ لاءِ تيار آهي
يا بينڪ کان سهولت وٺرائي ڏيڻ لاءِ تيار آهي، ڪجهه قرض وٺي
ڌاڳو خريد ڪن يا ٻاهران گهرائن ته حڪومت انهن کي لائسنس

**سوال:** ڇا اوهان اها ڳالهه مڃو ٿا ته اسان وٽ مختلف ثقافتون ۽ مختلف تهذيبون آهن، ۽ هر قوم کي پنهنجي تهذيب ۽ ثقافت هوندي آهي.

**جواب:** ملڪ جي اندر به، مختلف صوبن ۾، مختلف ثقافتون هونديون آهن. انهيءَ جو اهو مطلب ته ڪونهي ته اسانجي ملڪ ۾ مختلف قومون آهن.

**سوال:** حڪومت جي طرفان هن سال هڪڙو وڏو سيمينار ملهايو پيو وڃي - سنڌ ٿرو سينچريز انهيءَ کان اڳ موهن جو دڙو ۾ به هڪڙو سيمينار ٿيو هو، جنهن ۾ ٻاهرين ملڪن مان به ماڻهو آيا هئا ۽ ڀٽو صاحب به آيو هو، ۽ موهن جو دڙو کي بچائڻ جي ڪوشش تي زور ڏنو ويو هو، پر سهڻيءَ کي انٽرويو ڏيندي شاهه فريد الحق چيو ته اسين سنڌ ۾ موهن جي دڙي جي تهذيب نه هلڻ ڏينداسين. اوهانجو انهيءَ متعلق ڇا خيال آهي.

**جواب:** موهن جو دڙو جي تهذيب دنيا جي پراڻين تهذيبن مان هڪ آهي. جيڪڏهن موهن جو دڙو يورپ يا آمريڪا ۾ هجي ها ته اسان کان وڌيڪ اهميت ملي ها. مصر اسلامي ملڪ آهي، پر اهي به پنهنجي پراڻي تهذيب تي فخر ڪن ٿا، اهڙيءَ ريت اسين به موهن جو دڙو جي تهذيب کي دنيا جي آڏو پيش ڪرڻ گهرون ٿا. تاريخ اهڙي شئي ته ڪانهي، جنهنکي وساري ڇڏجي.

**سوال:** موجوده سنڌ حڪومت ڪراچي جي انهن سڀني شاگردن ۽ ماڻهن کي آزاد ڪري ڇڏيو ۽ ڪيس واپس وٺي ڇڏيا، جن ٻولي وارا هنگاما ڪيا هئا. بنگلاديش نامنظور واري تحريڪ ۾ هنگاما ڪياڻون، قاديانين جي خلاف هلايل تحريڪ ۾ گوڙ گهمسان ڪيو. انهن سڀني کي ته آزاد ڪيو ويو آهي، پر سنڌ يونيورسٽيءَ مان رسٽيڪيٽ ٿيل شاگردن جا رسٽيڪيشن آرڊر واپس نه ورتا ويا آهن، نه ئي انهن جا ڪيس واپس ورتا ويا آهن. انهيءَ کان علاوه ڏهن پندرهن اديبن تي به ڪيس هلي رهيا آهن، ۽ جن تي ڪيس هلي رهيا آهن، تن ۾ اسانجو هڪڙو بزرگ اديب ع - ق - شيخ آهي، مشهور فنڪار فتاح آهي، جيڪو ٽنگ کان معذور آهي، انهن تي

